سورهيه مرين سوپ کي

سيد زين شاهه

سيڪريٽري جنرل

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي

سورهيہ مرين سوي کي

نظرياتي شعبو
سنڌ يونائيٽڊ پارٽي

قيمت -/20 روپيا

ملڻ جو هنڌ:

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي
مرڪزي سيڪريٽريٽ حيدر منزل، ڪراچي
۽ پارٽي جي هر ضلعي آفيس مان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ڪجهه ڳالهيون

هي ”سورهيه مرين سوپ ڪي“ ڪتابچو سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري، قومي جدوجهد جي انقلابي اڳواڻ سيد زين شاهه جي تقرير تي ٻڌل آهي، جيڪا هن ايس يو پي جي 13 فيبروري 2010ء تي سڪرنڊ (نوابشاهه) ۾ منعقد ڪيل هڪ وڏي جلسي ۾ ڪئي هئي.

تقرير ڇا آهي، جڻ تہ هن اسٽيج تان بيهي هزارين ماڻهن سان ڪچهري ڪئي آهي. ماڻهن جا نالا، ڳوٺ، رستا، پيچرا، رند، اُهڃاڻ، ماڻهن جا مسئلا، ڏک، درد، انهن جي پيدا ٿيڻ جا سبب تڪليفون، اهنج ۽ ايذاءَ، هو جڏهن پاڻي جي ڪوٺ ڪي ڪٽي ٿو تہ بيلدار، داروغي، انجنيئر ۽ چيف انجنيئر ڪان ٿيندو وڃي پاڻي جي وڏي چور پنجاب تائين پهچي ٿو. چوري، ڦرون ۽ بدامني تي ڳالهائي ٿو تہ هاٺوڪي، "ٻہ نمبري جمهوريت" ۾ جتي ٻہ جيڪي ٻہ وارداتون ٿيون، جن ٿاڻن تي ڪيس آيا، پيرا ڪڻي جن پيپلن جي گهرن ۾ روانا ڪيا. وري جن پاتاريدار پيپلن هنن کي ڇڏايو. جن چونڊيل نمائندن چوري ۽ ڦورن جي سرپرستي ڪئي، انهن جا پار پتا ايئن پيو ڏي جهڙوڪر سيني جي سامهون وارداتون ڪري رهيا آهن.

جيالا شاهي جي آزار کي هن اهڙن سادن ۽ عام فهم لفظن ۽ مثالن سان پيش ڪيو آهي جو عام ماڻهو آسانيءَ سان سمجهيو وڃن. تقرير ۾ عام ماڻهن جا ٺهڪ بہ آهن ۽ تاڙيون بہ گونجن ٿيون. هن تقرير ۾ سچ آهي، حقيقت آهي، سچ کي پيش ڪرڻ جو طريقو بہ ڏاڍو موثر آهي.اسان جي، 'نظرياتي شعبي' هن سگهاري، سچ کي مارو ماڻهن تائين پهچائڻ ضروري سمجهيو. اُنڪري هيءَ تقرير "سورهيہ مرين سرپ ڪي" توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ۾ پڙهڻ، پروڙڻ ۽ جيءَ سان جانڪي عمل ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون آهن. هي

ليڪچر بہ آهي، تہ نصيحت بہ آهي، هي سالن کان سانڍي رکيل اظهار آهي، جيڪو اڳوٽي سانوٽي سنڌوءَ جي ڏڏڪن جيئن اندر مان آيل سچ آهي. برلن جهڙي دوکي جي ديوار کي ڍاهي ڍير ڪرڻ جهڙي للڪار آهي.

سيد زين شاهہ اُهو ارڏو انقلابي آهي. جنهن پنهنجي ڏاڏي قومي انقلابي رهبر سائين جي ايم سيد، پنهنجي پيءُ سنڌ جي اَمر عاشق سائين امداد محمد شاهہ جي ڏکئي ۽ اٽانگي واٽ ورتي آهي.

هن رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي ڪچ ۾ ويهي، جيڪي ڪجهہ ٻڌو، پڙهيو ۽ پروڙيو، اُن تي آتل ٿي بيهي رهيو. ڪنڊن جي سيج جهڙي قومي انقلابي سياست هن گلن جو هار سمجهي گلي ۾ وڌي آهي. هن جي اڳيان سياست ڪمائي، مال ميڙڻ ۽ ذاتي لالچ جو نالو ناهي پر سماجي خدمت، عبادت ۽ ڌرتيءَ ماءُ جي ننگن ۽ دنگن بچائڻ جو وچن آهي. جيڪو عشق جو مامرو آهي، شاهہ حيدر سنائي کان سائين جلال محمود شاهہ تائين سندن خانداني روايتن جي 'قومي امانت' کي سنڀالي رکڻ جو امتحان آهي. هن ننڍي ڄمار ۾ عشق جا وڏا ـ وڏا امتحان مٿانهين پوزيشن ۾ پاس ڪيا آهن.

سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري کي روڪڻ ۽ ضلعي ڄامشوري جي 'سُڌا تورن' ڪامورن جي ڪُڌن ڪرتوتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 4 جون تي ڄامشوري وارو سنڌ يونائيٽڊ پارٽيءَ جو

معرڪو هجي. جنهن ۾ سيد زين شاهہ رينجرز ۽ پوليس جي گولين جي برسات اڳيان ايئن سينو ساهيو بيٺو هو، جڻ ڪا راند هئي. سنڌ جي حقن کي بچائڻ لاءِ سوين ڪارڪنن طرفان زنجير ٻڌي روهڙي اسٽيشن وٽان ريليون روڪڻ وارو احتجاج هجي، مارشلائي حڪومت جي هڪ وفاقي وزير جي گهر اڳيان توا تنگڻ وارو ڪارنامو هجي يا وري هاٹوڪي 'ٻہ نمبري جمهوري حڪومت' جي نجڪاري جي نالي ۾ سنڌ جا وسيلا تين وال ڪندڙ جيالي وفاقي وزير جي گهر اڳيان بغدادي قسم جو احتجاج هجي، انهن سڀني جي اڳواٽي ڪندڙ ساڳيو سيد زين شاهہ ئي هو. وري جڏهن علم، عقل ۽ دانائيءَ جي مورچي تي ايندو آهي تہ ائين پيو لڳندو آهي تہ ڪو نئين دور جو جي ايم سيد ويس مٽائي وري آيو آهي.

سندس سياسي جاکوڙ، قائدانہ صلاحيت، ڪارڪنن سان پيار ۽ پنهنجائپ وارو رويو، سچ جهڙي سادي طبيعت، ايس يو پي جهڙي قومي انقلابي پارٽي کي آسمان جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو آهي. سيد زين شاهہ نہ رڳو ايس يو پي کي صحتمند ۽ سگهارو ڪلچر ڏنو آهي پرسجي قومي انقلابي تحريڪ کي ڳنڍڻ ۽ ڪلهو ڪلهي سان ملائي سڀني ساڃاهہ وند ماڻهن کي اڳتي وڌڻ جي سهپ ۽ اُميد بہ ڏني آهي. "سورهيہ مرين سوپ کي" ڪتاب ۾ سيد زين شاهہ جي گهڻ طرفي قداور شخصيت جي هڪ جهلڪ آهي،

جيڪا توهان پڙهي رهيا آهيو.

سنڌ جي قومي انقلابي جدوجهد هاڻ اُتي پهتي آهي، جتي مرڪز پسند موقعي پرست سيني پارٽين لاءِ امتحان جي گهڙي اچي ويئي آهي هو رائيٽسٽ هجن سينٽرلسٽ يا وري ليفٽسٽ هجن سيني جي پت وائکي ٿي پيئي آهي.

هن موڙ تي سنڌ ۾ سياست ڪندڙ هر پارٽي اڳيان سنڌ جي خودمختياري تي پڌرو ۽ صاف ٿي بيهڻ ضروري ٿي پيو آهي. هاڻ سندن دين ڌرم واري سياست هجي يا سوشلزم واريون سڪٽيون ڳالهيون گهڻو وقت هلي نہ سگهنديون ڇوتہ سنڌ جي ماڻهن سڀ ڪجهہ سمجهي ورتو آهي. ان سوچ جي سفر ۾ "سورهيہ مرين سوڀ ڪي" مارو ماڻهن جو سٺو مددگار ٿيندو. سيد زين شاهہ جو انقلابي فڪر، قومي پيغام آهي، جنهن کي گهر گهر پهچايو وڃي.

عزيز ڪينجهرائي

سربراهہ

نظرياتي شعبو

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي

سورهيه مرين سوپ کي

سيد زين شاهه
جنرل سيڪريٽري
سنڌ يونائيٽڊ پارٽي

جان وڍيو هئين تہ ويهہ، نہ تہ وٺيو واٽ ونءُ تون
هي تنين جو ڏيهہ، ڪاتي جنين هٿ ۾!

صدر مجلس، معزز مهمانو! ۽ جلسي ۾ شريڪ ٿيندڙ سڪرنڊ ۽ نوابشاهہ ضلعي جي عوام. پاڻ هتي گڏ رهون ٿا ڏک سک ۾ حال ياڻي آهيون. پاڻ پنهنجي ڳوٺن ۽ شهرن جون ڳالهيون ڪنداسون. پاڻ هتي جي حال احوال کان واقف آهيون. آيل مهمان پين ضلعن ۾ رهڻ ڪري روزمره جي زندگي بابت شايد هتي جي صورتحال کان اڻ واقف هجن. پر پاڻ سڀ کان واقف آهيون. موجوده حڪومت جا ٻہ سال سامهون آهن. فيبروري 2008ع ۾ هيءَ

حڪومت آئي ۽ فيبروري 2010 آهي. ان دوران، جيڪو سڪرنڊ، نوابشاهه جي اندر ٿي گذريو آهي، ان جا شاهد پاڻ سڀ به آهيون ۽ باقي جيڪو ملڪ جي اندر ٿي رهيو آهي، اهو توهان ۽ سڄي جڳ ڏٺو. هنن حڪمرانن جي اچڻ کان پهرين اليڪشن ٿي محترمه هڪ بم حادثي ۾ مارجي ويئي. ٻه ٽي مهينا اچڻ کان پهرين ڇا ٿيو يعني اجان حڪمراني آئي ڪونه هئي. هي پاڳيلا ملڪ کان ٻاهر هئا ڊيل جو اعلان پوءِ ٿيو آهي. جيڪا ڊيل مشرف ۽ محترمه جي وچ ۾ ٿي. ان جو اعلان پوءِ ٿيو آهي پر زرداري هائوس کي ڪوٽ بنائڻ پهرين شروع ٿيو هو، هنن ۾ جيڪو عهدنامو ٿيو آهي، ان موجب حڪمراني ۾ حصو پتي ۽ ملڪيت، جيڪا بي ايمانيءَ ذريعي هنن پن دورن ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت کان ونئي ڪارڪنن گڏ ڪئي هئي. جن اربن روپين جي بي ايماني ڪئي. ڪروڙن ۽ لک وارا ته هتي پئي آزاد گهميا پر جن اربن روپين جي بي ايماني ڪئي، انهن کي اُن جي عيوض حڪمراني ڏني وئي يعني هڪڙي اها ڪوٽ واري پت نهڻ. ان ڪانپوءِ موجوده حڪومت جي دور ۾ يعني وڏي ۾ وڏو ڪارنامو جيڪو هتي ليکيو وجي ٿو. اهو هي آهي جو محترمه جو نالو ضلعي تي مڙهي ڇڏيائون. اهو هنن پيو ڪم ڪيو جيڪو پاڻ کي نظر آيو.

هتي جي امن امان جي ڇا صورتحال آهي، اُن بابت مون کان اڳ ۾ تقريرون ڪندڙ دوستن توهان کي ٻڌايو آهي. هتي هڪ

ڳالهہ مشهور هئي تہ سڪرنڊ ڪان محرابپور تائين روڊ گهڻو ڪري محفوظ هوندو هو، ڇو جو محرابپور جا سيد ۽ مجيد ڪيريو ۾ سائين امداد محمد شاهہ ڌوهارين جي پنيرائي نہ ڪندا هئا. پر هن ويجهن ڪجهہ مهينن ۾ ڏسجي ٿو تہ سڪرنڊ ڪان وٺي محرابپور تائين ڏينهن ڏٺي جو وارداتون ٿيون آهن. ڏينهن ڏٺي جا پڪڙيل ماڻهو واپس ڇڏائجو وڃن. ڇڏائي ڪير ٿو؟ هتان جا چونڊيل نمائيندا. هتي جي ايس ايڇ او ڪان پڇو، جيڪڏهن اُهو ناهي تہ ڪنهن ڪنڊ تي وينل ڊي ايس پي ڪان توهان ان بابت پڇو. ڦورو ۽ ڪي ڇڏائڻ جي لاءِ پهرين فون ڪنهن جي ايندي آهي، ڪنهن پيپلي، ننڍي ورڪر جو نالو نہ وٺندو. هتي جي چونڊيل نمائندي جو وٺندو. اُهو پلي ڪراچي ۾ هجي يا سکر ۾ موجود هجي، پر توهان جي چونڊيل نمائندي جي فون ايندي يعني هتي جي امن امان کي خراب ڪرڻ ۾ هتان جو چونڊيل نمائيندو ذميوار آهي. سڪرنڊ اهو شهر آهي، جيڪو جهڙيءَ طرح سورهن ڪلوميٽرن تي حيدرآباد ڪان مٽياري ضلعو ٺهي سگهي ٿو تہ اسان پنجويهہ ڪلوميٽر پري آهيون نوابشاهہ ڪان. هن ۾ ضلعي ٿيڻ جون سڀ خوبيون آهن. هر طرح سان وڏي سگهي ٿو شهر برباد ڪيئن ٿيا آهن. موئن جو دڙو برباد ڪيئن ٿيو آهي، اڄ توهان ڏسندئو تہ موريو لاکو، شهر برباد ڪيئن ٿيو آهي. هتي جيڪي جيڪي شهر برباد ٿيا آهن، هڪڙا ٻوڏ جي ڪري ٿيندا آهن ٻيا امن امان نہ هئڻ ڪري تباهہ ٿيندا آهن. هتي

جڏهن امن امان خراب ٿيو، هتي دهشتگردي وڌي، قتل ۽ غارتگري ٿي، ڏوهہ ٿيا تہ اسان جا لکين ماڻهو هتان لڏي هندوستان هليا ويا. 1947ء واري معاهدي ۾ اهو ڪونہ چيو ويو تہ هتان غير مسلم لڏي وڃن، پر هتي هنن کي غير محفوظ ڪيو ويو. جڏهن هنن پاڻ کي غير محفوظ سمجهيو تڏهن هي لڏي ويا. جڏهن هتي ڦرمار وڌي هتي جڏهن ڌارين جي دهشتگردي وڌي تڏهن لکين سنڌي لڏي ويا. هن امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال ۾ سڪرنڊ واسي، قاضي احمد واسي يا نوابشاهہ واسيو، اوهان جا هي شهر وڌندا ڪون، ان ۾ هي شهر ڦٽندا . سڪرنڊ ۾ جيڪڏهن پوين ويهن سالن جو تجزيو ڪريو تہ وڌ کان وڌ ڏوهہ اڄڪلهہ ٿي رهيا آهن. اسان جي شهر مجيد ڪيرئي پريان صبح جو انين وڳي گاڏي ڦرجي ٿي، ڏهين بجي ڏينهن جو ڦرجي ٿي. منجهند جو هڪ بجي هتان سڪرنڊ شهر مان ڦر ٿئي ٿي. توهان کي ياد هوندو تہ هتان جو پوسٽ جو همراهہ هو ان کي گولي هڻي ڇڏيائون. ڏينهن ڏٺي جو پئسا ڦرجن ٿا. اهي آهن حڪومت جي تبديليءَ جا اثرات جيڪي اسان کي نظر اچن پيا ۽ توهان جي چونڊيل نمائندن جا اهن جا رويا اُن بابت نظر اچن ٿا. جڏهن هتان جا حڪمران بدامني ڦهلائڻ ۾ وڌي ۾ وڌو انهن جو هٿ هوندو، سرپرستي ڪندا. هتي مال جي چوري، اڳي گهٽا پيرا هڪ مخصوص ڳوٺ ڏانهن ويندا هئا. هاڻ توهان کي چؤگرد پيپلن جا مک جيڪي ڳوٺ آهن. مال جا پيرا سڀ اوڏانهن ٿا وڃن. هي

چاهي؟ اسان جو ماڻهو ته اغوا ٿئي ٿو ته انهن چونڊيل نمائندن جي پاءُ سان، سؤٽ سان، نمائيندي سان ڳالهايو ته اهو ماڻهو موٽندو. موٽر سائيڪل به موٽندي، گاڏي موٽندي، هي حڪمران ڪونهن پر پاٿاريدار آهن. سڀ ڪان پهرين ماڻهو کي امن امان کپندو آهي، ان ڪانپوءِ روزي روٽي.اسان پاڻ شهري ماڻهو آهيون. ايڪيوهين صدي ۾ رهون ٿا. اسان کي هي بادشاهي نظام جي انداز واري حڪمراني نه کپي. پاڪستان ۾ جمهوري نظام ناقص آهي. ملڪ نهيو آهي. ملڪ جو هڪڙو آئين آهي. جنهن ۾ هر هڪ شهريءَ کي برابريءَ جا حق آهن ۽ هر هڪ شهري انصاف جو برابر حقدار آهي. ان کي حق ملڻو آهي يعني ميرٽ ۽ انصاف تي هلڻو آهي. پر هتي جيڪي چار نوڪريون مليون آهن. توهان پڌائيندو ته ميرٽ ۽ انصاف تي پيون ملن؟ نٿيون ملن ته معنيٰ حقدار کي حق نٿو ملي. حقدار کي جڏهن حق نٿو ملي، ان جي جان کي تحفظ نٿو ملي ته پوءِ رياست ڇاجي آهي. پاڪستان ملڪ ڇا جو آهي. هي حڪومت ڇاجي آهي؟ هي صوبائي حڪومت ڇاجي آهي؟

پاٽي جو جيڪو ڊرامو آهي، جنهن تي ڪافي دوستن ڳالهايو آهي. هڪڙو فلت ڪئنال آهي چشما جهلم ڪئنال 1974ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي گورنمينٽ افتتاح ڪيو. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي ان جو افتتاح ڪيو. ڪالاباغ ڊيم لاءِ 88ع ۾ وري محترمه بينظير جي حڪومت پئسا رکيا. چشما جهلم لنڪ ڪئنال جيڪو

ڪالهه تائين فلٽ ڪئنال هو، جنهن مان ٽل ڪئنال ٺاهيو ويو، پوئين حڪومت مشرف دؤر حڪومت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سائين قائم علي شاهه ڪان، وٺي سڀ جيالا هٽي رستن تي نڪري آيا هئا اينٽي ٽل ڪئنال ڪميٽي ۾ سنڌ جي قومي انقلابي پارٽين سان گڏ هئا. ٽل ڪئنال يعني فلٽ ڪئنال مان هڪڙو ايريگيشن ڪئنال ٺاهي، جيئن پنهنجو روهڙي ڪئنال نهيل آهي. ائين ڪٿي سمجهو پاڻ وٽ جيئن چنڊڻ آهي. هي چنڊڻ پريان سڪرنڊ ۾ قاضي احمد جي وچ ۾ نهيل آهي. چنڊڻ تي، جيڪڏهن هڪڙي شاخ ٺاهي ڇڏين تہ سدائين چنڊڻ وهائٽي پوندي تہ پوءِ جي وقتم جيڪا چنڊڻ نهيل هئي، ان تي گريٽر ٽل ڪئنال ٺاهيو ويو ۽ ان تي ماڻهن جون زرعي زمينون آباديءَ تي رکيون ويون. هاڻ چون ٿا تہ انهن جي آباديءَ جو سوال آهي. اُن جي پڇڙيءَ تي هي پاور پلانٽ پيا لڳائين. اڄ جي اخبار پڙهو، اسان جي ايريگيشن جو منسٽر، اسان جو وزير اعلي، اهڙو پيا ڏيک ڏيکارين جهڙوڪ پنجاب سان وڙهڻ لاءِ تيار آهن ۽ اهو پاڻي جڙ موتائين پيا. بابا حڪومت ۾ ڪير آهي. پاڻي مرڪز جو ڪاتو آهي. واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي آهي. پاڻي ۽ بجليءَ جو ڪاتو مرڪز جو آهي. جيڪو پاور پلانٽ لڳندو، چشما جهلم لنڪ ڪئنال تي، سياڻ چوندا تہ بجلي جيڪا سڪرنڊ ۾ وئي آهي، سو اسان ڪي چشما جهلم لنڪ ڪئنال تي پاور پلانٽ ڪونہ لڳائڻ ڏنو ويو، ان جو وزير ڪير آهي. راجا پرويز اشرف اهي صدر

توهان جو، وزير اعظم توهان جو واپڊا جي منسٽري توهان جي پوءِ به چئو تا اهيو اڪثريت ۾ فيصلو ڪرڻو پوندو. ڇا هو اڪثريت جو فيصلو پيپلن جي حڪومت ۾ مناسب لڳي ٿو. هنن سنڌجو پاڻي پنجاب کي ڏيئي ڇڏيو آهي، جيڪي پاڪستان کان اڳ سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ 1945ء ۾ پاڻي جي ورهاست جو معاهدو آهي. ان کي رد ڪندي 1960ء ۾ ايوب ۽ ذوالفقار علي ڀٽي سنڌ طاس معاهدو ڪيو. جنهن ۾ ٽي درياهه وڪڻي آيا. ان کانپوءِ 1991ع وارو معاهدو ٿيو. ان جي پڄڪڙي ڪري 1994 ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي گورنمينٽ، ان معاهدي کي ختم ڪيو. اڄ تائين 1991ء جي معاهدي تي صرف ٽي سال عمل ٿيو 1994ء کان 2010 تائين. پوءِ ان تي عمل نه ٿيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي 1993ع کان 1996ع تائين جي حڪومت ان تي عمل ڪرائي نه سگهي. عبدالله شاهه جي حڪومت، ان کي رد ڪري ڀٽي پاسي ڪري ڇڏيو. اڄ انهن چشما جهلم ڪئنال تي پاور پلانٽ ٺاهڻ وڃي رهيا آهن. رات پاڻي جو وزير ٽي وي تي، چڙ وڏو ڪيس پيو وڙهي. بابا ڪيس ڇا جو پيو وڙهين، تون ته پڏاءِ ايتري ته غيرت ڪر، جيتري عظيم دائود پوٽي ۽ اي اين جي عباسي 2000ء ۾ ڪئي هئي، جڏهن منگلا جنوري ۾ ڀرجي رهيوهو. جهلم نديءَ تي منگلا جيڪو ڊيم آهي سو سنڌوءَ تي ڪونهي، تربيلا سنڌوءَ تي آهي. اهو منگلا جيڪو جهلم نديءَ تي آهي ڀرجي رهيو هو ته اي اين جي عباسي

چيو، عظيم دائودپوٽي کي جيڪو گورنر هو، مشرف جي گورنمينٽ ۾، تہ پاڻي سان ڊيم تڏهن پربا آهن جڏهن جولاءِ آگسٽ ۾ پاڻي وافر مقدار ۾ هوندو آهي. ۽ جڏهن منگلا جنوري ۽ فيبروريءَ ۾ پرجي رهيو آهي تہ مون کي هيءَ وزارت نہ کپي، عظيم دائودپوٽو هن سان گڏيو. جنهن کانپوءِ توهان ڏٺو هوندو تہ ڊرامو ڪري انهن کي لاٿو ويو. ساڳيو 2010ع ۾ جنوريءَ کان وٺي منگلا ڊيم پرجي رهيو آهي. يعني ان ۾ جيترو پاڻي پوي پيو اوترو نيڪال نہ پيو ٿئي، ساڳيو جيڪو 2000ع ۾ ٿي رهيو هو. پر ان وقت سنڌجي باغيرت اي اين جي عباسي ان جي مخالفت ڪئي. اڄ شايد اتي غيرتمند نہ ويٺل آهن، جو ساڳيو 2010ع جي جنوري ۾ ساڳيو منگلا ڊيم پرجي رهيو آهي. هتان جي وزير، هتان جو وزير اعليٰ، هتان جي صدر جي وات ۾ مگ آهن ۽ هي ڊرامو ڪري رهيا آهن تہ اسين جهلم ڪئنال تي پاور پلانٽ نهڻ نہ ڏينداسون. تنهن ڪري اها دو کي بازي نہ هلندي. اسان ۽ توهان جي لکين ايڪڙ زمين هتي پئي آهي. پاڻي آهي ڪونہ سڪرنڊ جي چؤطرف زميندار، آبادگار ۽ هاري پريشان آهن. پاڻي هوندو تہ ملندو، وارا بنديءَ بہ ختم ٿي ويئي آهي، اجا تائين اسان وٽ واهہ ۾ پاڻي ڪونہ آيو آهي، ان جو سبب اهو ناهي. انجنيئر سان ٿا ڳالهيون تہ چوي ٿو تہ چار فوٽ واهہ ڏسو روهڙي ڪئنال گهٽيو پيو آهي. روهڙي ڪئنال جي سپريڊنٽ انجنيئر سان ٿا ڳالهايون تہ چوي ٿو اسان کي چيف انجنيئر پاڻي کٽڻ نٿو ڏئي.

چيف انجنيئر چوي ٿو تہ مٿي چشما جهلم لنڪ ڪئنال، تونسا پنج ند لنڪ ڪئنال کليا پيا آهن، اسان وٽ پاڻي پنجاب کان پورو نٿو پهچي. پيرا ٿا ڪٽو تہ پنجاب ڏي ٿا وڃن ۽ انهن جا سنياليندڙ ڪير پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي. وزارتون سڏيون انهن وٽ آهن، اهي اسان جي پاڻيءَ کي مستقل طور تي بند پيا ڪن. انهن جي نقصان کان توهان کي اسان جي دوستن آگاهہ ڪيو. توهان کي عزيز ڪينجهرائي، ڊاڪٽر دودي مهيري آگاهہ ڪيو، اسان جي لکين ايڪڙ زمين بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ ڪيٽي ختم پيئي ٿئي ۽ هي زرعي زمينون اسان جون ڪيٽي پيون برباد ٿين. اسان جا بيٺل فصل سڪن ۽ هنن جا نوان فصل پوکجن، ان ڪري اهو حساب نہ هلندو. پاڻ کي ان تي اکيون کولڻ جي ضرورت آهي. هتي سڪرنڊ ۾ امامن جي چاليهي جو جلوس هاڻ ٿيو. هر سال جلوس نڪرندو آهي ايڪيتاليهين ڏينهن تي نڪرندو آهي، اسان ورهين کان ٻڌندا آهيون تہ سڪرنڊ ۾ امامن جو وڏو جلوس نڪرندو آهي، اهي جلوس ورهين کان نڪرندا آهن. امامن جي عقيدت مندن تي ٿا ڳالهايون. آئون پهريان مومنن سان ڳالهايان پوءِ وري پين سان بہ ڳالهائيندس. هتي هزارن جي تعداد ۾ جلوس نڪرندا آهن. هتي نوابشاهہ ۽ سڪرنڊ ۾ وڏا جذباتي ۽ سالن کان تن چئن ڏهاڪن کان وٺي نڪرندا آهن. آئون انهن کي مخاطب آهيان تہ بابا ان وقت ڇا هو؟ ڇا جو ڏينهن ملهايو ٿا. امامن جي ناحق قتل جو، مظلوم شهادت جو

يعني هن کي پڌائڻ تہ حق تي امام هئا، جڏهن چوڏهن سؤ سالن کان رڳو ان لاءِ ڏينهن ملهائيندا آهيون تہ چوڏهن سؤ سال اڳي امام حق تي هئا، ان وقت يزيد جي حڪومت هئي، اها ناجائز هئي، ان جا عمل جيڪي هئا سي ناجائز هئا، ظالمانہ هئا. چوڏهن سؤ سال پوءِ بہ اهو لکيو ٿو وڃي تہ اڄ ڏينهن تائين اسين اهو ڏينهن ٿا ملهايون تہ ان وقت تاريخ موجب چوڏهن سؤ سال اڳ هي ظلم ٿيو، يزيد ڪير هو، شمر ڪير هئا، نج مسلمان هئا. ان ۾ ڪوبہ فرق نہ هو، ائين ئي جيئن اڄ اسان وٽ نج سنڌي حڪمران آهن. سڪرنڊ ۽ نوابشاهہ جي حڪمران آهن. يزيدي لڏو بہ امامن سڳورن جا ويجها مائٽ هئا. ساڳي قوم جا هئا. ساڳي بادشاهت ۾ حڪمراني ڪندو هو. اڄ بہ ڪيترائي ڪلمي گوءِ امامن سڳورن جي اَمر شهادت کي پنهنجي ملاپڻي جي تنگ نظر سان ڏسن ٿا. پر امام سڳورن جي لازوال قرباني ظلمُ خلاف حق، سچ جي ويڙهہ هئي. اها ڪا، فرقاپرستي ۽ ڪُرسي جي ويڙهہ نہ هئي پر پنهنجي عوام ۽ عرب قوم کي غاصبانہ ۽ بدڪردار حاڪمن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ويڙهہ هئي، جيڪا اڄ بہ جاري آهي. اڄ بہ يزيدي ٽولا مظلومن جو پاڻي بند ڪري رهيا آهن. سنڌي قوم کي ڦري لٽي غلام رکڻ لاءِ ڪربلا جي ياد تازي ڪئي پئي وڃي. پيا آهن ڪوفي جيڪي يزيدين سان گڏجي سنڌي قوم، سنڌ وطن ۽ سنڌي عوام سان ڪربلا ڪرائي رهيا آهن. هتي رهندڙ اُهي سڀ ماڻهو سنڌي آهن، جيڪي سنڌ ماءُ جا وفادار ۽

حلالي پٽ آهن، جن جو مرڻ جيئڻ سنڌ ۽ سنڌين سان آهي. اسان جي وطن دوستي، اسان کي سائين جي ايم سيد ڏسي آهي. نسل پرستي ناهي، اها وطن دوستي آهي. اسان جي سڪرنڊ جو رهندڙ خانزادو هجي، اهو آرائين هجي، اهو انڙ هجي، جيڪو به باغيرت ماڻهو آهي، جيڪو هتي حق ۽ انصاف لاءِ بيهي ٿو، سنڌ جي خودمختيار حيثيت لاءِ وڙهي ٿو ۽ شهرجي اندر عدل ۽ انصاف لاءِ جدوجهد ڪري ٿو، سو اسان جو سنڌي اهي. اهو سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جو ورڪر آهي، ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندڙ هجي. سو ڳالهه پئي ڪئي سون امامن جي ته حڪمراني انهن جي هئي مسلمانن جي هئي. حضرت علي عليه السلام کي شهيد ڪندڙ اهو به مسلمان هو، ان کي شهادت لاءِ آماده ڪندڙ اهو به مسلمان هو. ان ڪري اسان نسل پرستي تي ڪونه هلنداسون. اسان کي بار بار چيو ويندو آهي ته سنڌين جي حڪومت آهي. اسان کي ڪنهن سان به نفرت ناهي، نه پنجابي کان نفرت آهي نه اسان کي پٺاڻ سان نفرت آهي نه اسان کي بلوچ کان نفرست آهي نه اسان کي بنگالي کان نفرت. پر اسان کي نفرت اُن ماڻهو سان آهي جيڪو سنڌ وطن جا وسيلا نيلام ڪري ٿو. سنڌ وطن کي وڪڻي ٿو. اسان جي زندگي جنجال ڪري ٿو. اهو اسان جو دشمن آهي. اڄ سنڌ غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ قاتل آهي. حسيني للڪار جي ضرورت آهي. يزيديت اڄ وري نئين روپ ۾ آئي آهي. ان ڪري جيڪڏهن چوڏهن سؤ سال پهرين امام حسين بيعت

نہ ڪئي ظالم يزيد جي چا جي ڪري تہ هو اقرباپرور هو، هو عوام آزار هو، بدڪردار هو. رسول ڪان پوءِ رسول پنهنجي اولاد کي حڪمراني سڏي نہ ڏني. هن چيو تہ جيڪو صالح ماڻهو هوندو، اهو اڳيان وڌندو. اهو اسان جو حڪمران رهندو، پر يزيدين اُن جي خلاف ڪم ڪيو. يزيديت بادشاهت جو نظام آندو. پيو تہ پنهنجي بدڪردار چاپلوسن کي نوازيو ويو. پاڻ شام ۾ حڪومت ڪندو. مصر جو گورنر وري پيو مائيت. ڪوفي جو ٽيون مائيت. مديني جو چوٿون مائيت. اقرباپروري پنهنجي نوازڻ. انصاف بجاءِ اقربا پروري ڪئي. پيو تہ هن تي الزام آهي تہ هو بدڪردار هو. اخلاق ۾ ڪجهہ شين ۾ ذاتي زندگيءَ ۾ ڪريل هو. اخلاقي طرح سان معنيٰ بدڪردار هو. پنهنجا نواز هو يعني انصاف واري حڪومت نہ هئي، بدعت آندائين، ڪوڙ ساريون جيڪي شيون رسول جي و قت ۾ رائج هنيون انهن ۾ تبديليءَ جا سبب بڻيا. سندس حڪمرانيءَ تي اهي الزام آهن. آئون انهن مومنن سان پيو ڳالهايان تہ چوڏهن سؤ سال اڳ جي ڏينهن کي ان ياد ڪبو آهي تہ رڳو ٽي ڪلاڪ اسان کي ماتم ڪرڻو آهي. مٿي مان رت ڳاڙڻو آهي. چوڏهن سؤ سال اڳ جو سبق اسان کي پڏائي ٿو تہ چوڏهن سؤ سال کانپوءِ اڄ جي يزيديت کي ڪير چئلينج ڪندو. اڄ جي اقربا پرورن کي ڪير چئلينج ڪندو. اڄ جي بدڪردار کي ڪير چئلينج ڪندو. اڄ جي سنڌ کي وڪڻندڙن کي ڪير منهن ڏيندو، سچو مومن اهو ٿيندو، جيڪو

چوڏهن سؤ سال اڳ جي يزيديت کي ياد ڪري اڄ جي يزيدين خلاف امامن سڳورن وانگر ويڙهہ ڪندو.

عشق نہ آهي راند، جو ڪيڏنس ڳيرو،
سسي ڏيئي پاند اُڇل نہ اڏ تئي!

امامن سڳورن وٽ وطن، قوم عوام سچائي ۽ انصاف تي اَٽل تي ظالم کي للڪار ڪرڻ جو عشق هو. هو عشق تي ثابت قدم رهيا، امام سڳورن جا جلوس ۾ ڏيهاڙا ڪا سڪٽي رسم ادا ڪرڻي ناهي پر هر دور جي يزيد جا هٿ روڪڻ حسينيت آهي پر دوستو ڏک سان ٿو چوڻو پوي تہ ايئن نہ پيو ٿئي. حسينيت کي سمجهڻ لاءِ لطيف جو سهارو وٺڻو پوندو

ڪُنيس ڪو ويڄن، ڏن طبيب نہ ڳڏيا،
ڏيئي ڏنپ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکوئيو!

گذريل هفتي ڪوڙ پيپلاءِ آفيسر پيا تيان سپ هڪ دعوت ۾ گڏ هئاسون. ڪچهري شروع تي وئي تہ ملڪ جو اصل مسئلو ڇا آهي؟ چيائون تہ موجوده ملڪي حالتن جي باري ۾ ٻڌايو؟ مون چيو تہ ملڪ کي آهن ٻہ بيماريون. هڪڙي اڏوهي لڳل اٿس، ڪچي ۾ وينو هئس چيم ڪيئن سمجهايان، سوچيم ڪهڙي ڪمڙي اڏوهي لڳل اٿس. چيائون ڪيئن؟ مون چيو اُها فوج جيڪا سٽرڻ لاءِ اصل تيار ٿي ناهي، اها مسلسل پنهنجي حڪمراني چاهي ٿي.ان ڪري اها اڏوهي لڳل آهي. جيڪا پسند جا حڪمران آڻي ٿي. هڪڙو

وقت پاڻ حڪومت ڪري پوءِ وري پنهنجي ڪک مان پيدا ٿيندڙ يعني ايوب خان جي ڪُکَ مان يحيٰ ٿيو اچي. ضياء مان نواز شريف اچي، مشرف مان زرداري اچي ٿو. جيئن آدم جي ڪک مان حوا پيدا ٿي. ان ڪانپوءِ اُهي ڪک وارا پيٽ مان سيني کي چٽيندا آهن. پاڪستاني فوج اجان تائين ڪک مان پئي جڻي. هڪڙي اها اڏوهي آهي. اسين تاچئون پاڪستان جي فوج کي سلام آهي. الله توهان کي وڏي حياتي ڏي، توهان اسان جي ملڪ جو تحفظ ڪيو پر مهرباني ڪري اسان جي جان ڇڏيو. حڪمراني اسان جي آزاد ڇڏيو. اسان جا گوڏا ڀڏي ٿا ڇڏيو. گوڏو ان ڪري ٿو چوان جو ريس ڪرڻي آهي يعني ڊوڙ پڄائڻي آهي هاڻ اسين انهن ليگلن، پيپلن، نڱن ۽ موقعي پرستن کي پڄي ڪيئن سگهون جو اسين سدائين جيلن ۾ هي ڪرسيءَ تي. 1947ع ۾ پاڪستان نهيو. اڄڻ ساڻ لياقت خان جي وقت ۾ خان غفار خان، عبدالصمد اڇڪزئي، سائين جي ايم سيد کي بند ڪيو ويو. ٽيهن سالن کان سائين جي ايم سيد بند. ماڻهو چون ته سائين جي ايم سيد پاڻ کي ڪونه ٿو ڇڏائي سگهي، اسان جي کهڙي مدد ڪندو. يعني اهو مهڻو. هاڻ اسان جا پئي گوڏا ڀڏي چئو ته سؤ ميٽرن جي ريس ۾ دوڙ پڄايو. آئون ٿو چوان ته اهو زرداري، اهو گيلاني، هي قائم علي شاهه ۽ ٻيا جيڪي 'سڌا تورن' جنرلن جي پنيرائي تي وينا نڪاءُ ڪين ۽ هي ايس ايچ اوز، ڊي ايس پيز اليڪشن ۾ مداخلت نه ڪن. پوءِ اچو ته ڊوڙ

پڇايون ٿا. آئون ٿو چوان تہ هي ٻوڙ تہ نہ پڇائيندا پرهتي ماڻهو هنن کي جهلي مٿي ۾ ڏوڙ وجهي اهڙو بچڙو هوند ڪن جو ارباب وانگر ايڊريس ئي گم ٿي وڃين. معاملو اهو آهي تہ هڪڙي اڏوهي لڳل آهي. اجا ٻي بيماري بہ آهي، ٻي وري ڇا آهي، مون چيو مان تہ ٻي بيماري اها آهي تہ جيڪي حڪومتون ٿيون اچن، اهو ايئن آهي جيئن ماڪڙ يا جهار. جهار ايندي آهي . منهنجا ٻہ ٽي ايڪڙ آهن، سياٽي اچي ڏسي سگهو ٿا. هڪڙي پاسي کان جهار کائي ويئي آهي يعني آئي پاٽو ڪري اسان جوان تيار ٿيل جنهن کي ڇهہ مهينا ڪلر پاڻ اسان ڏنو. جهار ايندي اَنُ کائي پٺجي هلي ويئي، سو هي سال ڏيڍ رهي. هي جهار وانگر اسان جو اَنُ. اَٽو. کنڊ، تيل، بجلي کپائي کائي پڳا ويندا.

سي جي لوڙاءُ، جني سندي ڏير
تہ ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهن ڙي!

فوج جا آندل، وڏن نالن وارا سياسي ليڊر حڪومت هٿ آئي تہ ڪيڏانهن ويئي جمهوريت، ڪيڏانهن ويئي عوام، جنهن لاءِ اڳ چوندا هئا طاقت جو سرچشمو، تن کي زڪوات ۽ خيرات واري خواري سان لڳائي پاڻ لوهہ ۽ کنڊ جا ڪارخانا ۽ سري محل ٺاهڻ ۾ لڳيو وڃن. سڄي دنيا ڦرين پر سنڌجا پيداواري وسيلا وڪڻڻ لاءِ بہ ڇيلهہ ٻڌيو بيٺا آهن. اسان جي ڪڇهہ سؤ ڪارڪنن رڳو قادرپور گيس فيلڊ جي وڪري خلاف احتجاج ڪيو، آواز اٿاريو ۽ ٻي ڏڙڪ

تي اڳيان وڌيا. نجڪاري جي جيالي وفاقي وزير جي گهر تي جوتا تنگيائيون، ڇهين بجي قادرپور گيس فيلڊ جي وڪري جي اسڪيم واپس. هاڻ گس توهان ڏسي ڇڏيو آهي. جيئن بلوچستان ۾ آغاز حقوق بلوچستان. اڙي بابا ڇا آغاز حقوق بلوچستان يعني ڇا چوندا آهن سونٽي هجي ساڻ ته گڏهه گوئي نه ڪري ته هي بلوچستان وارن هتيار ڪنيا ته گڏهه هاڻ ڪتان گوهي ڪندو. ائين سڌو هلندو جو خبر نه پوندي توهان سان. اهي سڀ سڌا تي هلندا. هڪڙو اهو رستو آهي، اسان اِهو ڪونه ٿا ڏسيون. سنڌيونائيٽڊ پارٽي اهو تي چوي حق ڪسيل آهن. سچ، حق لاءِ جدوجهد ۾ اڳتي نڪري پئو. اسان رڳو ڳالهيون نٿا ڪريون. اسان حق ۽ سچ تي مستقل مزاجي سان هلي ڏيکاريو آهي ۽ ڏيکاريندا اسون. توهين به ڏسندا ۽ هي انڌا پوڙا حڪمران به ڏسندا.

آئون سيني جماعتن وطن دوستن ۽ قومپرستن جماعتن کي، جيڪي اليڪشني سياست کان انڪاري آهن. چوان ٿو دوستو توهان سياست ٿا ڪريو ته اليڪشن ۾ حصو نه وٺنداسون، توهان سيني کي ياد هوندو (آئون سڪرنڊ وارن سان ٿو ڳالهايان) جيڪي ماضي ۾ قومپرست ورڪر رهيا آهن يا اڄ قومپرست جماعتن سان تعلق ۾ آهن. اليڪشن جي ڏينهن تي اُها 2008ء جي اليڪشن هجي 2005 جي بلدياتي اليڪشن هجي يا جيڪي به لوڪل باڊيز يا جنرل اليڪشن هجن، ته توهان ڏٺو، اکين ڏٺا شاهد آهيو ته اُهي قومي ورڪرز ڪنهن

جا ايجنٽ ٿي وينا، ڪنهن کي ووٽ ڏنائون، صبح کان شام تائين وفاق پرست، مرڪز پرست، چور وڏيرن کي گهٽ وڌ ڳالهائين. جلسي ۾ چون ته بابا سنڌجي حڪمراني نه پر آزادي کپي! پر جنهن مهل دغاباز وڏيرن خلاف وونٽ جو ٽائيم اچي ته وڃيو انهن غدارن جي سياسي پنيرائي ڪن، جڏهن مهل اچي طاقت استعمال ڪرڻ جي ته وڃي ڪنهن سان ٽا بيهن ليگلن ۽ پيپلن سان وڃيو ٻه نمبري ٿين. هاڻ جڏهن توهان سياست ۾ سڄي دنيا کي اهو ٽا ٻڌايو ته اسان فلاڻن جا ايجنٽ آهيون، فلاڻن جا ووٽر آهيون ته قومي سياست ترقي ڪيئن ڪندي. توهان اُن مهل يعني ڪوفين امامن کي خط لکيا سوين خط لکيا ڪي ٽا چون هزارين خط لکيا، اسين جڏهن هتي جلسا جلوس ڪيون ته توهان اسان کي محبتون ڏيون ٽا. هزارين لکين گڏ ٿيو ٽا پر جڏهن مهل اچي ته "امام سان گڏ ٻاهتر ماڻهو". ائين نه ايندي تبديلي. تبديلي جيڪر ٻاهر کي آڻڻي آهي (قومي ورڪرن کي مخاطب آهيان) رڳو منافقي ڇڏيو. قول فعل ۾ هڪجهڙائي ڪريو، جيڪو چئو ٽا زبان سان، جنهن کي دشمن قرار ڏيو ٽا، سنڌ دشمن قرار ڏيو ٽا ته پهرين سنڌ دشمن جي ڳلي مخالف ڪريو! ايمان جا ٽي درجا آهن. پهريون ته هٿ سان روڪجي نه ته ان کي برو چئجي نه ته پوءِ ان کي زبان سان چئجي نه ته پوءِ ان کي برو سمجهجي پر جن کي صبح کان شام تائين برو چئو ۽ جنهن مهل فيصلي جو وقت اچي ته انهن جا ايجنٽ ٿي بيهو، انهن جي پنيرائي ڪريو، جنهن کي سڄي دنيا

ڏسي، سچو ملڪ ڏسي تہ هي ليگلن ۽ پيپلن جي پنيرائي ڪري رهيا آهن. آئون رڳو اهو ٿو چوان قومي ورڪرن کي تہ منافقي ڇڏيو. اليڪشن ۾ نہ وڃو. حصون ٿا ونڻ چاهيو تہ بسم الله!پر سنڌ دشمن قوتن کي طاقتور نہ ڪريو، انهن لاءِ اهو نياپو قومپرست ورڪرن لاءِ آهي پيو هتي جي ماڻهن لاءِ هتي جي دوستن لاءِ، هتي جي شهرين لاءِ، هتي، جيئن آئون توهان کي سوير چئي ويتس تہ امن امان ۽ انصاف تہ پري رهيو پر هتي ويهين چاليهن سالن ۾ جيڪي بہ چونڊجي آيا آهن نمائيندا، اهي ناظم هجن، اهي ڪٽي صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جا ميمبر هجن توهان رڳو ياد ڪريو. رڳو 85 کان 90 تائين، سائين امداد محمد شاهہ جي ميمبر هجڻ توهان رڳو ياد ڪريو. ان کان پوءِ 90 کان وٺي 2010ع تائين پورا ويهہ سال گذري چڪا آهن. علائقي ۾ جيڪو ٻڌايو مانوَ تہ چوري، ڦر ۽ سڀ ڪجهہ تباهہ. انهيءَ کي ڇڏيو پر صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ يعني جتي اسان جي نمائندگي ٿئي ٿي، اتي ڪنهن بہ سنڌجو ذڪر بہ نہ ڪيو آهي، سنڌ جي دفاع جي ڳالهہ آهي؟ هي اهو مورچو هو، جنهن تي پنجويهہ سال اڳي 1985ع کان وٺي 1990ع ۾ جيڪو توهان صوبائي سيمبلي ۾ ميمبر چونڊي موڪليو. اُن جيڪو آواز اٿاريو اهو ياد ڪريو. هتي سنڌ يونائيٽڊ پارٽي تبديليءَ جي پٺي ڳالهہ ڪري. رسول الله ﷺ جڏهن تبديليءَ جي ڳالهہ ڪئي تہ ان جي سامهون جيڪي حڪمران هئا سي ڪير هئا. اهي قريش هئا، اهي ساڳيا قبيلا هئا، جن سان هو تعلق رکندو هو،

انھن جي حڪمراني ھئي، جيڪي پنھنجي سنڌن ئي قوم مان ھئا. برائي، بدعت جي خلاف حق ۽ سچ جو جڏھن آواز اٿاريو تہ ان وقت تي پنھنجي چاچي ابو طالب کي بہ جواب ڏنائين. ابو طالب کي چيائين تہ چاچا (جنھن ان کي نياپو ھو) ھڪ ھٿ تي چنڊ رکن ۽ ٻئي ھٿ تي سج رکن تڏھن بہ آئون حق گوئي کان نہ ويندس تہ تبديلي ائين ايندي آھي، جيڪڏھن تبديليءَ لاءِ تيار ناھيو تہ ھتي ٻيگھي متي ٻئي ھوندي، پيپلن ۽ ليگلن جي ڪجھ ڏينھن ھڪڙا ماڻھو ايندا مال ڪمائي ھليا ويندا، وري ٻيا مال ميڙڻ لاءِ ايندا، متي حڪمران دلالي ڪندا رھندا. چا توھان پنھنجو چگو مڙس ان کي ڪريو تا جيڪو متي دلالي ڪري ۽ پنھنجي مخالف کي ويھي ڪُٽي. ان ڪري انھن مان نڪري اچو، قبائلي، علائقائي جھيڙن مان نڪري اچو. پنھنجي گڏيل سوچ، پنھنجي گڏيل مفادن جي تحفظ لاءِ اُٿي کڙا ٿيو، پنھنجو جياپو سنڌ جي مجموعي خودمختياريءَ ۾ آھي. سنڌ جي ملڪيت جا وارث پاڻ ٿيو، سنڌ جي وسيلن جا مالڪ پاڻ ٿيو. ھتي قانون جي حڪمراني ٿئي. ھتي امن ٿئي ۽ ھن حڪومت جا پن سالن دوران مليل سور ۽ عذاب عوام دشمن فيصلا ڀرين آيا تہ پاڻي گم، پوءِ اٽو ڪونھي، پوءِ بجلي ڪانھي، پوءِ کنڊ ڪونھي، شيون مھانگيون ٿينديون وڃن. ساڳي شيءِ پوئين دؤر کان وڃي پنج سؤ روپيا متي ڏيو تہ ملي تي يعني بليڪ مارڪيٽنگ، موجوده حڪمراني جو وڏو تحفو آھي.

ايگريڪلچر امپليمينٽ، جيڪي زراعت جا اوزار آهن.
آئون ويو هئس ٽنڊي ڄام. چيوسين زرعي اوزار ڏيو. چيائون هينئر عوامي حڪومت آهي مال هضم ٿي چڪو اهي يعني هتي پهچڻ کان پهرين کاڄيو ٿو وڃي، اهو وزير کائي يا سيڪريٽري، اسان کي خبر ڪانهي. اهي عوام دشمن ڪارروايون هتي گلي عام ٿين ٿيون. عوام آزار فيصلا ٿين ٿا. اسين هتي جي سيني برادرين کي چونداسون ته حق ۽ انصاف لاءِ ساٿ ڏيو، ناحق ۾ نه، توهان چوندئو ته آئون پنهنجي جو حق کائي وٺان ته لازم ٿو ٿئي ته پيو چوندو ته وري ٽين جو حق ماريان. هتي مذهب کي هڪ پاسي رکي اسان جي باگڙي برادري هجي، هتي اسان جي ديوان برادري هجي. اسان جي هتي خانزاده برادري هجي، هتي ڪيريا برادري هجي، هتي انڙ برادري هجي يا آرائين هجن سڀ اُهي پائر جيڪي حق ۽ سچ، انصاف لاءِ، امن لاءِ بي ايماني کي ٽڏين ٿا ۽ چون ٿا ته نيڪيداري ڪنهن جي سفارش تي نه ٿئي. هتي نوڪري به سفارش تي نه پر ميرٽ تي ملي. انصاف سفارش تي نه ملي پر حقدار کي حق ملي، اهي اسان جو ساٿ ڏين. انشاء الله اسان جو جيڪو ساٿ ڏيندا ته تبديلي ايندي، اُها هن لوڪل باڊيز کان شروع ٿيندي. ڳوٺن جا ماڻهو ته پنتي پيل آهن ٿورو ڪن ٿا ته وڏيرو رستو بند ڪري ڇڏيندو نه ته ڳوٺ مان لڏائي ڇڏيندو. چوندس ته هتان لڏي وڃ پر هتي شهر جا ماڻهو اهي تبديليءَ جو سبب بڻجو ته سڄي تعلقو ۽ پوءِ سڄي ضلعي ۾ تبديلي

آٽيون. تبديلي ڪيئن ايندي؟ هتي شهر جا ماڻهو اهو طئي ڪيو. آئون توهان سان ڳالهيون ڪري ويس، آئون توهان سان وچن تو ڪريان. جيڪڏهن توهان واعدو ڪيو تہ يوسي سڪرنڊ 1 ۽ سڪرنڊ 2 ۾ اسان لوڪل باڊيز جي ڀرپور نموني اليڪشن وڙهنداسون، توهان اسان جو ساٿ ڏيو، توهان اسان جا نمائيندا ٿيو. اتان ئي هنن جي ٽراپٽ شروع ڪنداسون. چوندا آهن تہ ڏکن جا شاهد ڦٽ، اسان جي قائد سيد جلال محمود شاهہ ۽ اسان جي ورڪرن، منصور پيپون ڪان ولي سيني ورڪرن تائين، جيڪي ججن جي تحريڪ، چيف جسٽس افتخار چوڌري جي بحالي واري تحريڪ ۾ قيد اسان ڪاٽيا، تڪليفون اسان سٺيون. اهي ڀلي مشرف جي دؤر ۾ هجن. تبديليءَ جي شروعات ڪٿان ڪجي. سائين جو مشهور قول آهي جيڪو پٿين تي بہ لکيل پيو آهي تہ "تبديليءَ جو انتظار ڪرڻ بجاءِ تبديليءَ جو سبب پاڻ بڻجو". توهان ان جا محرڪ بڻجو، تبديلي ڪيئن ايندي آسمان مان ڪونہ ايندي زمين تان ايندي. هتي دريائن جو ڏينهن هو. مون ڪي هنن چيو تہ دوست سامهون وينا آهن. ڪي تي اين جي نمائندي چيو هٿ ڪڻ مون چيو ڇو؟ چيائين پيٽ تي پاٽي اچي. مون چيو اها تڪليف الله طرفان ڏنل هجي ها تہ مان الله کي پاڌايان ها. هي ڏنل مٿي مرڪز جي پيپلن جي آهي، آئون هٿ ڪونہ کڻندس. آئون اُهي هٿ روڪيندس، آئون انهن سان وڙهندس ان جي ڪري، دوست ناراض

تيا ۽ آئون حيدرآباد ڪونہ پهتس پر سامهون پيپلا آيا پئي پر هٽ نہ ڪنيا. مون الله ڪان واپسيءَ تي دعا ضرور گهري هئي. مون چيو، ”الله سائين مون کي همت ڏي تہ هنن سنڌ کي برباد ڪندڙن جا هٿ آئون روڪي سگهان“

منهنجي تقرير کي پن حصن ۾ ورهايو. اعوذ بالله من شيطان الرجيم. مون جن بہ شيطانن جو ذڪر ڪيو، انهن تي اعوذ بالله پڙهي ڇڏيو. ڇوتہ نئون صبوح، نئين شروعات، نئين تبديلي ايندي. قرآن پڙهبو آهي تہ پهريان اعوذ بالله من الشيطان الرجيم. مون شيطانن تي اعوذ بالله پڙهي ڇڏي. ٻيو حصو آهي لطيف سائين جيئن چيو ”مارن منجهہ مياس، ماڙين ماريس ڪينڪي“ ها پاتارينداء ظالم ۽ وطن جا ويري، ڌارين جا دلال، غدار وڏيرا ايڏا سگهارا ناهن، ايڏا مڙس ماڻهو ڪونهن پر توهان جي اَڻ ڄاڻائي، بي سمجهي ۾ اندر جي مونجهاري وڏو ظلم ڪيو آهي. هر دفعي هي دغاباز ۽ مڪار نوان نوان ڍونگ ڪري لاش ڏيکاري اوهان کي برغلائي ووٽ وٺيون وڃن. حاڪم تين پوءِ اوهان کي ڪنگهن بہ ڪونہ تا. ان ڪري اوهان تي اوهان جي ٻچن تي اوهان جي وطن تي ظلم جون ماڙيون ٺهي ويون آهن. اوهين جي اُٿي بيهو تہ سڀ ماڙيون ڍهي ڍير ٿي پونديون. توهان سان وچن، آهي جي توهان ساٿ ڏيندئو تہ انهن اصولن کي اڳيان رکندي، جيڪي محمد صلي الله عليه وسلم کان وٺي امام حسين عليه السلام کان

وٽي دنيا جي سيني صالح ۽عوام دوستن ماڻهن کان اسان سبق سکيا آهن، انهن تي مڙس ٿي بيهنداسين. هڪ قدم به پٺتي نه هٽنداسين. توهان جو ساٿ رهيو ته پاڻ هتان يونين ڪائونسلن کان تبديلي آڻينداسون ۽ پوءِ هتي پنهنجا صوبائي اميدوار بيهارينداسون پوءِ سڄي سنڌ ۾ تبديلي آڻينداسون. سنڌ جي بهتري جي شروعات سڪرنڊ کان ٿيندي.

ويهڻ ويچن وٽ، جي سکين ته سَگهو ٿئين
اڳين عادت مٽ ته اَگها عاجز نه ٿيئن.

اوهان سيني جي مهرباني

جيئي سنڌ.

اسان جو اشاعتي سلسلو

1. سائين زين شاهہ 11 مئي 2008ء تي پارٽي طرفان هڪ ننڍڙو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو هو، اُن جو نالو هو، ”ڪارڪنن لاءِ تربيتي ڪورس“ اُهو ڪتاب ”نظرياتي شعبي“ جي ذميوارين جي پهرين وِڪ هئي.جنهن ۾ پارٽيءَ جي تنظيم، تنظيمي ڪمن، تنظيمي اصولن، ضابطن ۽ گڏجاڻين جي طريقيڪار ائين

ڪٽي چئجي تہ "پارٽي ڪلچر" بابت بنيادي ڳالهيون هيون.

2. نظرياتي شعبي طرفان شايع ٿيندڙ هي ٻيو ڪتاب "سورهيہ مرين سوڀ ڪي" ايس. يو. پي. جي جنرل سيڪريٽري سيد زين شاهہ جي هڪ انتهائي ڏاهپ ۽ تربيت ڪرڻ جهڙي تقرير تي مبني آهي، جنهن جو مُهاڳ اسان جي نظرياتي شعبي جي سربراهہ سائين عزيز ڪينجهرائي "ڪجهہ ڳالهيون" جي عنوان سان لکيو آهي.

3. اسان جون ٽيون ڪتاب پارٽي سربراهہ سائين جلال محمود شاهہ جي چونڊ تقريرن تي مبني هوندو، اُهو ڪتاب پارٽي جي ايندڙ چوٿين ڪانگريس ۾ توهان تائين پهچائينداسون.

رابطا سيڪريٽري

نظرياتي شعبو

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي

حيدر منزل 126 مسلم

ڪالوني، جمشيد ٽائون، لڳ

نشتر پارڪ، ڪراچي، سنڌ.

پارٽي پڌرنامو

1. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي پاڪستان جي وفاق ۾ سنڌ جي قومي حقن، سياسي، اقتصادي، ثقافتي، مفادن جي حاصلات لاءِ پر اُمن سياسي جدوجهد وسيلي سنڌجي جداگانا تشخص، خودمختياري، حق حڪمراني لاءِ جدوجهد ڪندي.
2. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي قومن جي برابريءَ جي بنياد تي جمهوريت جي بحالي ۽ جمهوري ادارن جي بالادستي، قانون جي حڪمراني، اظهار جي آزادي ۽ آزاد عدليه، خودمختيار پارليامينٽ جي حاصلات لاءِ ڪوششون وٺندي.
3. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي سياست کي سماجي تبديلي آڻڻ ۽ ملڪي ڪاروهنوار هلائڻ جو واحد ذريعو سمجهي ٿي. سياست ذريعي اقتدار جو حصول ۽ بهتر حڪمرانيءَ ذريعي بنيادي تبديلي آڻڻ ممڪن آهي. پارٽي، سنڌ اندر نئين انتظامي جوڙجڪ، قانوني سڌارن ذريعي ادارن کي مضبوط، بااثر (Effective)، اهل (Efficient)، خدمت گذار (Service Oriented) ۽ اهليت پسند (Meritorious) بڻائڻ لاءِ اُپاءُ وٺندي.
4. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي سنڌ ۾ جهالت، غربت، سماجي اَڻ برابري ۽ نانصافيءَ جو خاتمو آڻي فرد جي مادي ۽ روحاني ترقي لاءِ ڪوششون وٺندي.
5. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي فرد جي فرد سان ۽ قوم جي قوم سان برابري جي اصول هيٺ قومن جي خودمختياري ۽ حق حڪمراني تسليم ڪندڙ نئين سماجي معاهدي لاءِ جدوجهد ڪندي.
6. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي سنڌ ۾ مستقل طور آباد هر ان شخص کي سنڌي سمجهي ٿي، جيڪو سنڌجي سياسي، اقتصادي، ثقافتي حقن ۽ مفادن کي پنهنجو مفاد ڄاڻي انهن جي حاصلات ۽ تحفظ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ ملڪ اندر سنڌ جي موجوده جاگرافيائي وحدت ۾ يقين رکي ٿو.
7. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، شهرين جي بنيادي حقن، فرضن ۽ توازن ذريعي معاشري ۾ سماجي انصاف قائم ڪندي.
8. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جنس، رنگ، نسل مذهب/عقيدي ۽ ٻوليءَ جي بنياد تي متڀيد جو، خاتمو آڻيندي ۽ (جيو ۽ جيئڻ ڏيو) جي اصول هيٺ انساني وقار ۽ فرد جي شخصي آزادي جو احترام ڪندي ۽ معاشري ۾ سياسي، مذهبي آزادي ۽ رواداري کي فروغ ڏيندي.
9. سنڌ يونائيٽڊ پارٽيءَ جي سموري جدوجهد دنيا ۾ اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي بين الاقوامي مقصد جو حصول هوندو. سنڌ کي دنيا اندر تهذيبن درميان ٽڪراءُ جي خاتمي لاءِ پُل جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو، جيڪو (نصب العين دنيا ۾) پُر امن بقاءِ باهميءَ جي اصول هيٺ حاصل ڪري سگهبو.

پنهنجي ڌرتي پنهنجو اختيار!

سنڌ ڪپي تي خودمختيار

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)